


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# دل جي صلاح

(شاعري)

## مانجهي زرداري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو: دل جي صلاح

شاعر: مانجهي زرداري

ڇاپو: ڦيبروري 2014ع

ملهه : 99روپيه

ڪمپوزنگ ۽ ڊزائنگ: عابد زرداري0303-2347210

ڇپائيندڙ: عابد زرداري _ ريحان گل زرداري

ڇپيندڙ: ”دعا پرنٽرز“ ڪراچي.





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

## سنڌي ٻولي

۽

## سنڌي ادب

## سان چاهه رکندڙ

## دوستن جي نانءُ.

(دل چوي ٿي ديس تي لکندو رهان،

پنهنجي سنڌي ويس تي لکندو رهان)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاعر پاران

پنهنجي ٻولي، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ثقافت ۽ ادب سان اسان عقيدت جي حد تائين پيار ڪيون ٿا پر محدود وسيلن ۽ بين مشڪلاتن جي ڪري اسان تي مانار ڇائنجي وڃي ٿي پر ڪڏهن ڪنهن محفل ۽ ڪا شخصيت اسان کي نئون اتساهه ڏئي ٿي. پٽ ڏٽي، لعل سائين ادبي ڪانفرنس، باباءِ سنڌ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي ورسي ۽ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه ۽ پٽي صاحب جي ورسي به اسان ۾ نئون جوش پيدا ڪنديون آهن.

علم ۽ ادب جي واڌاري لاءِ ڪم ڪندڙ شخصيتن احمد خان مدهوش، جوهر بروهي، آزاد انور ڪانڌڙو، نريجن ڪمار راجاڻي، افتخار حسين رند جي ڪچهري مان به لکڻ لاءِ پئي اتساهه مليو آهي يا وري ڪڏهن پنهنجي قافلي جي شاعر دوستن وفا صالح راڄپر، امين زرداري، وسيم سومرو، ذوالفقار گاڏهي، گوهر گل ڳوري، عادل عباسي، نماڻو صديق مهيسر، مظلوم سولنگي، شيخ راشد راڏٽائي، بي دل دلدار راڏٽائي ۽ منهنجي رهنما استاد بسمل راڏٽائي اڳتي وڌڻ لاءِ پئي همٿايو آهي. اميد اٿم ته اڃا به ڏات ساٿ ڏيندي، هي سلسلو جاري رهندو. هي منهنجي شاعري جو ٽيون ڪتاب آهي، ان کان اڳ ۾ منهنجي شاعري جا به ڪتاب ”جوڀن رت جون سوڪڙيون“ ۽ ”قرار نيٽن جو“ شايع ٿي چڪا آهن، پڙهندڙن جي پيار ڀري موٽ جي آس تي هي ٽيون ڪتاب ”دل جي صلاح“ سنڌي ادب پڙهندڙن تائين رسايان پيو، اميد اٿم ته مانائتي موٽ ملندي. آئون عابد زرداري، وڪيل علي محمد زرداري، اختر رند، وفا ولي محمد زرداري، اصغر زرداري، دليپ ڪمار، بابو بجاج ۽ انهن سڀني دوستن جو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي وکريل شاعري کي ڪتابي شڪل ڏيارڻ ۾ منهنجو ساٿ ڏنو آهي.

مانجهي زرداري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## پيار ۽ پريت جو شاعر!

سنڌ ڌرتي، علم ۽ ادب/ شعر ۽ شاعري جي حوالي سان تمام گهڻو زرخيز، شاد ۽ آباد آهي. ان جي هر هڪ ضلعي ۾ هزارين ڪان وڌيڪ ليکڪ ملن ٿا. دادو ضلعي جي هر هڪ تعلقي جي ڳوٺ ڳوٺ، وستي واهڻ کان شهرن تائين، ڏات ڌڻين/ قلم ڪارن جو وڏو انگ مليو ٿو. جن پنهنجي وت ۽ وس آهر پنهنجي منڙي ٻوليءَ جي جهوليءَ کي پريندي، مختلف موضوعن/ پهلوئن تي ادبي شهپارا پئي لکيا آهن. شاعرن، سنڌ ڌرتي جي وارثن، ماروئڙن ۽ سانگيئڙن جا سمورا عڪس ۽ اولڙا شاعري ۾ قلمبند ڪيا آهن. قلم ڌڻي سنڌ ڌرتيءَ جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جا پندار آهن. سندن لکڻين ۾ رواني، ٻوليءَ جي سونهن، سوپيا فصاحت ۽ جلاغت ۽ خيال جي پختگي ملي ٿي. شاعري دل جي اندر جي احساسن، اڌمن، جذبن، فڪري ڳُهرجُن جي وسعت ۽ اُپار جي ارتقا جو نانءُ آهي،جيڪا مختلف موضوعن ۽ صنفن جي روپ ۾ رچي ٿي.

ميهڙ تعلقي جي راڌڻ اسٽيشن واري علائقي تي مختصر نظر ڦيرائڻ سان معلوم ٿيندو تہ علم ۽ ادب، شعر و شاعري جي ميدان ۾ ڪيترائي وڏا نالا نمايان نظر اچن ٿا، جن ۾ استاد دادن فقير ڀهڙو عوامي شاعر، الهہ ورايو ”مسرور“، حمزه علي مولائي، ناظر منگي، پريل شاهہ حُسيني، ڊاڪٽر تبسم، هن وقت اديب آزاد قاضي، شاعر بسمل راڌڻائي، دلدار راڌڻائي، مجاهد راڌڻائي، معصوم بخاري، معشوق علي جعفري، سائين سلطان احمد عباسي، بيدل بروهي، اڪبر بروهي، ساحل لاکير، منظور محبتي، مانجهي زرداري ۽ ٻين جا نالا اچي وڃن ٿا. انهن سڀني شاعرن / ڏات ڌڻين ۾ ڏاهو ماڻهو، پلوڙ شاعر مانجهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زرداري اسان کي ٻه شاعري جي مجموعا "جوڀن رُت جون سوڪڙيون" غزل ۽ واين تي مشتمل ۽ ٻيو "قرار نيڻن جو" شاعري جو مجموعو ڏئي چڪو آهي، جڏهن ته سندس ٽيون مجموعو "دل جي صلاح" ڇپائي لاءِ تيار آهي.

مانجهيءَ "دل جي صلاح" جا ڪجهه غزل ۽ نظم ڏيندي ٻه چار جملا لکڻ لاءِ چيو. ادبي ڪارڪن جي حيثيت ۾ سندس بار بار چوڻ موجب سندس شاعري پڙهندي لکڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. آءُ سندس تخليق سان انصاف ته ڪري نه سگهندس پر جهڙو حال تهڙو حاضر.

مانجهي زرداري کي آءُ گذريل ڪيترن ئي سالن کان سڃاڻان ٿو. گهٽ تعليم هوندي، سنڌ جو هي ساڏڙو، پلوڙ شاعر ادبي راهه جي اوکي ۽ اٿانگي سفر ۾ پنڌ ڪندي، ڪٿي به ٿڪجي ٻيهي نه رهيو آهي پر منزل طرف وڪون ڪٽيندي لڳاتار جدوجهد جاري رکيون اچي پيو. پنهنجي اندر جي احساسن ۽ اڌمن جي اپٽار ڪندو رهي ٿو، جتي هن ماضي ۾ ڏاڍا ڏک سور ڏٺا ۽ صدما سَٺا آهن، اُتي سندس دل جي آڳر تي سکن ۽ خوشين جو سج به اڀريو آهي. پيار جي پيچري تي ۽ عشق جو اٿانگو سفر ڪندي هن جيڪي تڪليفون سٺيون آهن، اُنهن سيني اندر جي احساسن، جوانيءَ جي جذبن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جٿين جو تٿين اظهاريو آهي. ڏکن، ڏوجهڙن سورن، دل جي دردن، ايذائن ۽ پيار جي پيڙائن ۽ خوشيءَ سان گهاريل گهڙين کي شاعري جو روپ ڏنو اٿس.

مانجهيءَ جي شاعري پيار ۽ پريت، عشق ۽ محبت، وڇوڙي ۽ وصال، جدائي ۽ ميلاپ، ساٿيهه جي سڪ، وطن جي حُب، ڌرتيءَ تي رونما منظرن، سياسي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثقافتي، سماجي ۽ معاشي حالتن، سنڌ ۽ سنڌي قوم سان ٿيندڙ ويساهه گهاتين جي چوڏاري ڦرندي نظر اچي ٿي. سندس شاعري ڌرتي، قوم ۽ ٻوليءَ جو بقا لاءِ بلند آواز آهي.

شاعر پنهنجي پريم جي شروعات واري ڪيفيت بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ جڏهن ڪنهن نازنين جون نگاهون، سندس اکڙين سان اوچتو ٽڪرائجن ٿيون. دلربا، دل نشين جون ديدون، نينهن واري نظر سان نهاريندي ڪيس پيار جو پيغام ڏيڻ لڳن ٿيون تہ هو حيران ۽ بلڪل پريشان ٿي وڃي ٿو. سندس دل جي ڌڙڪن ڪنهن حادثي وانگر تيز دڙڪڻ لڳي ٿي، هٿن ۽ پيرن کي ڏڪڻي وٺي ٿي ۽ ان کي هِن ريت اظهاري ٿو تہ :

تون جو نظر مِلائي، حيران ٿي ويس،

حيران ٿي ويس، صفا پريشان ٿي ويس.

ڌڙ ڌڙ وڌي وئي دل جي، هٿ پير بہ ڏڪن پيا،

ايئن پيو لڳي تہ جڻ مان بي جان ٿي ويس.

اڳتي محبوب جي جلوي جمال تي موهجي خوشيءَ ۾ مٽس مستان ٿي پوي ٿو ۽ پاڻهپ جي ٻولي قبوليندي بنا ملهہ سندس دَرجو دربان سڏائڻ لڳي ٿو.

جلوي جمال تنهن جي اهڙو تہ موهيو،

بن ملهہ، بنا پگهار دربان ٿي ويس.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن چاهت جي چٽنگ ڏکندي دکندي پيڙ تي پڙڪي پوي تي تڏهن مانجهي دنيا جا سيئي ڏڳ، رستا وساري پرين جي پڪ ۾ ”دل جي صلاح“ وٺندي چوي ٿو ته:

نيٺ دل جي صلاح ورتيسين،

تنهنجي پڪ ۾ پناهه ورتيسين.

مانجهي اڳتي پنهنجي عشق ۽ محبت جو اظهار هن ريت ڪري ٿو ته جڏهن جوڀن ۽ جوانيءَ جو سنگ، نسري اسري ٿو ته دل پيار الفت ۽ نينهن ۾ نچڻ ۽ خوش ٿيڻ لڳي ٿي. گلاب جي گل جي مُکڙي ماڪ ڦڙ اجهڻي ٿي ته ڪُلي گل گلاب جيان خوشبوءِ سان ڏيهه واسڻ لڳي ٿو ۽ شاعرن جي حياتي سَرهي ٿيڻ لڳي ٿي پوءِ حُسن جي ديوي سندس سڪي ٿي وجي ٿي.

جئين جونسري وهي، دل لڳي ٿي وئي،

خوشبو خوشبو منهن جي زندگي ٿي وئي.

ديد رستي وجي دل جو دل سان ملي،

سونهن ديوي پوءِ منهن جي سرتي ٿي وئي.

عاشق ڪي پيار جي پيڙا ۽ درد جو احساسُ دل ۾ گهُرُ ڪري وينو آهي. هُن جي غزلن جي ٻولي سادي سلوڻي رَسُ چس، پُرڪشش محاورن، تشبيهن، خيال جي سَناءِ قافين، رديفن جي سهڻي جڙاءَ سان جڙيل خوبصورت شاعر هئڻ جي چٽي گواهي آهي.

درد دل جي مٿان آ اڏي چانوٽي،

هي اکين ۾ رهي ٿي تڏهن سانوٽي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

غمر پٽر کي بہ پاٽي ڪري ٿو چڏي،

مُنهن جي طبيعت، پرين ڪٽ هئي روئٽي

*

سرد آهون ڀريا، چَپ سُڪي ٽا وڃن،

ڪوئي راڳي ٿو جهيڙي، جڏهن راڳڻي.

مٿئين غزل ۾ درد جي چانوٽي، اکين ۾ سانوٽي، پٽر کي بہ پاٽي ڪرڻ، سرد آهون ڀرڻ، چپ سُڪي وڃڻ، تانگهہ جي تانوٽي وغيره ٺيٺ قافيا ڪمال جون تشبيهون/ محاورا آهن.

مانجهي سرائيڪي غزل ۾ پيار ۾ ڪَسُ لڳڻ جو اعتراف ڪندي ٻڌائي ٿو تہ ڪيس دل جي واپار ۾ شهري، ماڻهوءَ سان دل جو وهنوار ڪندي ڏاڍي تڪليف پهتي ۽ گهاٽو ٿيو آهي. حلانڪ واپار ۾ ڪَسُ ڪَسَرَ لازم ملزوم آهي. دل ۽ سک ڏيڻ عيوض سور ۽ ڏک مليا. سادي ٻولي سباجهڙي انداز ۾ غزل خوبصورت لڳي ٿو:

هڪ سهٽي نال مين پيار ڪيتا، پر پيار وچ ڏاڍي ڪس لڳ ڳئي،

مين دل دا ڏکيا واپار ڪيتا، پر واپار وچ ڏاڍي ڪس لڳ ڳئي.

جڏهن شاعر پيار محبت جي ڦندي ۾ عشق جي اُري ۾ قيد ٿي/ ڦندي ۾ ڦاسي، نينهن ۾ نروار ٿئي ٿو تہ هو زماني جي نظرن جو شڪار ٿئي ٿو تہ زماني جي ٻي هر ڳالهہ / ڪم ڪار، مال ميڙڻ جو حوص نہ ٿو رهي. هُو ڪنهن ساڻ بہ ڦڏي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فساد جو نتو سوچي ۽ ڪيس چاهت جي ڇَون پَون رهي ٿِي ۽ هو عشق جو اثر قبوليندي چوي ٿو تہ:

زماني جي هر پل نظر ۾ رهياسين،

اسان عشق جي، جو اثر ۾ رهياسين.

نڪي ڪنهن سان جهيڙو، نڪي مال ميڙيو،

رڳو چاهت جي چڪر ۾ رهياسين.

مانجهي زرداري جي غزلن مان هڪ خوبصورت غزل هي بہ آهي تہ:

مرڪندي ٿو ملين، ٿڪَ لهي ٿا وڃن،

پيار مان ٿو ڏسين، ٿڪ لهي ٿا وڃن.

يار! محفل ۾ منهنجو وڏي مانُ ٿو،

مون سان گڏ ٿو ويهين، ٿڪ لهي ٿا وڃن.

قسمر هميشہ يقين ويساهہ ۽ خاطري ڏيارڻ لاءِ ڪنيو ويندو آهي، هڪ غزل ۾ مانجهي بہ ننڍپڻ جي سڪين، پنهنجي نيڻن، محبوب جي اچڻ تي مٿس گلاب جي گل جي پتن، لاتيون لنوندڙ پيارن پکين، محبوب لاءِ آندل سوکڙين، چوڙين، ڪنگڻن، سڳين کان علاوه اباڻي شهر جي چونڪن ۽ سُهڻين گهٽين جو قسمر کڻندي پنهنجي مجازي محبوب کي پَڪَ ٿو ڏياري تہ مون کان هڪ پل بہ وسري نہ ٿو سندس ياد جو ڏيئو من مندر ۾ ٻرندو رهي ٿو:

مون کي ننڍپڻ جي آهي، سڪين جو قسمر
هيو شاعري تان ڪٽڻو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٻئي غزل ۾ مانجهي زرداريءَ جي دل اداس، بيچين ۽ بيقرار ٿئي ٿي ۽ ڪيس محبوب جي ديدار جي تانگهه ۽ سڪ لڳي ٿي ته هو ڪيس گهڙي پل جي خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ چند گهڙين جو وقت گهرندي ڪيس هئين به چوي ٿو اکڙين جي سامهون گذرندي کِلي ڪيڪاري نٿا سگهو ته ڳجهي انداز ۾ پري کان اکين ئي اکين ۾ اشارن ئي اشارن سان، اندر جون اورون اوريو وجين ها. شاعر پنهنجي من گهرئي محبوب کان آسمان جا تارا لاهڻ جي گهُر نٿو ڪري پر پري کان مُرڪي نهارن جي دردمندانه اپيل ڪري ٿو:

ٿورو وقت مـون کي پيارا ڏيو هــا،

ٻه ٽي پل خوشيءَ جــا خدارا ڏيو هــا.

ڪٿي هٿ پري کان ڪيڪاريو نه ها پر،

ڳــجها ڪي اکين جا اشارا ڏيو هــا.

مانجهي زرداري پنهنجي شعرن ۾، جذبن، اندر جي احساسن ۽ اڌمنجو اُوبَرُ ڪيندي، عروضي بندشن کي ڪِٿي ڪِٿي نظرانداز ڪيوآهي، خيالن ۽ سوچن کي اهميت ڏيندي، دل جي ڪيفيت کولي بيان ڪئي آهي ۽ غلط ريتن، رسمن ۽ رواجن خلاف مزاحمت پڻ ڪئي آهي. هن سماجي/ معاشرتي بُراين کي سچائي سان بيان ڪيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ معاشي بدحالي، سماجي براين جا مختلف رنگ نمايان نظر اچن ٿا. مثال طور:

کهڙو هي سماج آ، کهڙو هي رواج آ،
اسڪول ۾ پوتار جو پاڻ ۽ اناج آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانجهيءَ ٻئي بند ۾ غلط ريتن، رسمن تي تنقيد ڪندي مزاحمت ڪئي اٿس ته:

وينگس وَني ۽ جهور وَر، هي به ڪوئي ڪاج آ،

وِڪِڻي نياڻي، ڏاڄ ڏنئين، هي ڏاڄ يا وياج آ.

هڪ شعر جي بند ۾ رئيسن، پوتارن ۽ وڏيرن جي فرسوده شوقن ۽ خفتن جو ذڪر به ڪيو آهي ته:

پلي رئيس پالن ڪڪڙ ۽ ڪتا پر،

اسان کي وٺي وئي، ڪتابن جي موسم.

اخلاقيات بابت مانجهي تمام سٺي صلاح ڏيندي چيو آهي ته:

احساس هئڻ گهرجي، ڪو قياس هئڻ گهرجي،

پنهنجي پرائي جي شناس هئڻ گهرجي،

اخلاق جي ماڻهو وٽ، ميراث هئڻ گهرجي.

مٿئين ۾ ”ميراث“ مڪروهه قافيو آهي.

هڪ جاءِ تي پنهنجي جيون ساٿيءَ کي آٿت ڏيندي، همت ۽ حوصلو ڏياري ٿو:

ڪين ڪندي ڪرنيڻ جهڙالا،

مُرڪ مني تون، اُگهه ڳل آلا،

ڏينهن ڏکن جا ڪيسين رهندا.

ڪٽجي ويندا نيٺ ڪشالا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مانجهيءَ پنهنجي ديس، ڌرتي ۽ ثقافت سان محبت جو اظهار سادڙن ۽ سولن لفظن سان ڪيڏو نه پرڪشش عوامي انداز ۾ ڪيو آهي ته:

دل چــوي تــي ديــس تــي لــڪندو رهــان ،

پنهنــجي ســنڌي ويــس تي لــڪندو رهــان،

پٽڪي چــنري ۽ گهــگهي جي پــرت تــي،

ٽــوپي اجــرڪ ۽ ڪــيس تي لــڪندو رهــان.

بئي هنڌ سنڌي ثقافت جي اُهڃاڻ اجرڪ ۽ ٽوپي پائڻ، امن ۽ خوشحالي، ايڪتا ڏهاڙا ملهائڻ جي پرزور اپيل ڪندي چوي ٿو ته:

اجرڪ ٽوپي پايو سنڌي، اهڙا ڏينهن ملهايو سنڌي،

جيئي سنڌي ثقافت جيئي، نعرا خوب لڳايو سنڌي.

يا وري

درويشن جي سنڌ ڌرتي تان، ڌاريا سڀ ڀڄايو سنڌي.

مانجهي زرداري ٿوري وقت ۾ پنهنجي تخليق جون منزلون طئه ڪيو آهن. هن جي غزلن جي ٻولي محاورن ۽ مقصد واري آهي. ان ۾ عشق ۽ محبت جو ذڪر وڻندڙ انداز ۾ ٿيل آهي. سندس جذبن کي احترام جي نظر سان ڏٺو ويندو. پڪ اٿم ته سندس ڪتاب ”دل جي صلاح“ ضرور مقبوليت ماڻيندو.

عبد مگسي10-01-2014


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غزل

دل ساڻ عبادت ڪر، الله ٿيندئي راضي،
پيءُ ماءُ جي خدمت ڪــر، الله ٿيندي راضي.

وڃ جڳ ۾ پيار ورهاءِ ڪنهن کي ڪين ڏُکاءِ،
انســـان جي عزت ڪــــر، الله ٿــيندي راضي.

پيــرن ۽ فــقيرن جي الله جي پيـــارن جي،
هــر روز پـــيو زيارت ڪر، الله ٿيندي راضي.

چــڏ هــوڏ وڏائيءَ کي، آڪــڙ چــڏ اُجــلي،
پيو نياز ۽ نوڙت ڪــر، الله ٿيندي راضي.

حــلال رزق تون ڪماءِ ۽ ٻــچڙن پيو ڪاراءِ،
ها! ”مانجهي“ محنت ڪــر، الله ٿيندي راضي.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪندي تو ملين، تڪ لهي تا پسون،
پيار مان تو ڏسين، تڪ لهي تا پون.

يار محفل ۾ منهنجو وڏي مان تو،
مون سان گڏ تو ويهين، تڪ لهي تا پون.

مون کي ياڪر پري دل جون ڳالهيون ڪندي،
ڪنڌ ڪلهي تو رکين، تڪ لهي تا پون.

تون نہ آهين، تہ پوءِ مان بيچين هان،
تون تو سامهون هجين، تڪ لهي تا پون.

”مانجهي زرداري“ تنهنجا ڪهڙا حال هِن،
تو پيارا پچين، تڪ لهي تا پون.

☆

تانگھہ تنھنجي تہ ھر مھل آھي،
خالي گذريو نہ ڪوئي پل آھي.

ذھن منھنجي کي ناھي فرصت ڪا،
سوچ تنھنجي ۾ بس رُڌل آھي.

تنھنجي سپنن ۽ تنھنجي خيالن جو،
ميلو مون وٽ مڃتا متل آھي.

سال ٿيا ھن جو وڇڙي ويو آ پر،
ساھ سان سُک سڳو ڳنڍيل آھي.

ڪنھن پُڇيئي تون سجاڻين "مانجھي" کي،
ڏک ٿيو تو ڇيو ٻڌل آھي.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو هي سماج آ،
ڪهڙو هي رواج آ.

اسڪول ۾ پيو تار جو،
پاڻ ۾ اناج آ.

وينگس وَنِي ۽ جُهور وَر،
هي ٻہ ڪوئي ڪاج آ.

وڪڻي نياڻي ڏاج ڏِئين،
هي ڏاج يا وياج آ.

زرداري "مانجهي" لوڪ جو،
عجيب هي مزاج آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد دل جي مستان آ اڏي چانوڙي،
هي اکين ۾ رهي ٿي تڏهن سانوٽي.

غم پٽسر کي به پاٽي کري ٿو چڏي،
منهنجي طبعيت پرين ڪٽ هُئي روئٽي.

يار ٻانهن ۾ نه آيو آ، وقت ٿيو،
تانگهه من ۾ مچائي آهي تانوٽي.

سرد آهُون پريان، چَپ سُکي ٿا وڃن،
ڪوئي راڳي ٿو جهيڙي جڏهن راڳٽي،

هُن کي چئجو مون ڏي موڪلي ڪجهه ڪٽي،
پيو مان چُمندس سکي پنبڙين جي پٽي.

هُون نه دنيا ۾ سهٽا سوين هِن مگر،
”مانجهي“ زرداري کي تون وئين آ وَٽي.

☆


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اجرڪ ٽوپي پائيو سنڌي،
اهڙا ڏينهن ملهايو سنڌي

سنڌ سان جيڪو پيار رکي ٿو،
تنهن جو جيءُ جلايو سنڌي

جيئي سنڌي ثقافت جيئي،
نعرا خوب لڳايو سنڌي.

درويشن جي سنڌ ڌرتيءَ تان،
ڌاريا سڀ ڀڄايو سنڌي.

هوشو، هيمون، دودي وانگي،
ٿي ”مانجهي“ پاڻ ملهايو سنڌي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جئين جــونسري وهي، دل لڳيءَ تي ويئي،
خوشبو خوشبو منهنجي زندگيءَ تي ويئي.

ديــد رستي وجي دل جــو دل ســان مــلي،
ســونهن ديوي پوءِ منهنجي سکيءَ تي ويئي.

لــمحي لــمحي پنهنجا ٺــهڪ پڌندا رهــيا،
ســاهه جي ســنگ هــر پل خــوشيءَ تي ويئي.

مــوهه مــستي گهــٽي مــن ۾ اوتي چــڙي،
نيــنهن تي شــنهن آيــو مــڳــيءَ تــي ويــئي.

چــا ڏســي توکي ”مــانــجهي“ ڪٿا پيار جي،
ســـونهن پوچــيندي ڏاڙهي اچي تي ويـــئي.

نيت دل جي صلاح ورتي سين،
تنهنجي ٻڪ ۾ پناهه ورتي سين.

هاڻ جيڪو ايندو سڙي ويندو،
عشق ڪان تيز باهه ورتي سين.
سُور من ۾ سٽيا پيا آهن،
مُک تي وقتي مزاح ورتي سين.

پاڻ کي آ ثواب جي ڳولا،
تنهن معافي گناهه ۾ ورتي سين.

دگ زماني جا ٻيا ڇڏي ”مانجهي“
پيار وارن جي راهه ورتي سين.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمـــاني جي هـــرپل نظر ۾ رهـــياسين،
اسان عـــشق جَـي جو اثر ۾ رهـــياسين.

نڪي ڪنهن سان جهيڙيو، نہ ڪي مالُ ميڙيو،
رڳو چـــاهتن جي چـــڪر ۾رهـــياسين.

ڏکـــڻ هيـــر آنـــدا ســـڄڻ جا سنيـــها،
اسان اُن ڪـــري ئي اُتـــر ۾ رهـــياسين.

اســـان جي تہ مـــنزل پَريـــن جي حَـــويلي،
ســـدائين ڳـــلين جَي سفر ۾ رهـــياسين.

اســـان جي تہ يارن جُـــدي ڪي وســـايو،
اســـان بس صنم جي شهر ۾ رهـــياسين.

مليو درد ”مانجهي“ صبر سان سَنوسين،
ڪجي ڳالھ ڪهڙي قـــهر ۾ رهـــياسين.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکــي ڏاڍو جناب چاهــيون ٿا،

چــا ڏسيان بي حساب چاهيون ٿا.

ڪونہ توکان گهُرون ٿا ڌن دولــت،

تنهنجي هٿ جو گلاب چاهيون ٿا.

عمــر گــذري گهــٽي گــناهن ۾،

هــاڻ پــيارا ثــواب چــاهيون ٿا.

هوُنءَ تہ هر دم پيا پَچون پُڄرون،

عشــق جو ڪوعذاب چاهــيون ٿا.

مان بہ چاهيندو آهيان ”مانجهيءَ“ کي،

اهــو تــوکان جــواب چاهــيون ٿا.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيــن ڪندي ڪــر نيڻ جهُڙالا،
مُــرڪ مِــنــي تــون اگهه ڳِل آلا.

ڏينهـــن ڏڪـن جا ڪيسين رهندا،
ڪــنجي وينــدا نيــٽ ڪــشالا.

ڇــا لاءِ هــار سينــگار ڇَــڏيا ٿئي،
ڇــا لاءِ ڪــيا اتــــئي حــال ايالا.

دل جــو تــئي احــوالُ غــزل ۾،
پڙهنِــدي ڪــر تون روز رســالا.

چــاهـــت ۾ تــ مــلــندا آهــن،
خــوشيون توريون سُــور ســلالا.

”مــانــجهي“ ملــبو جشن ڪنداسين،
پــائي جُهــمريُون ڳــائي جــمالا.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئين جَواني جِي سڪي وسري نٿي،
جنهن سان وئي هُئي دل لڳي وسري نٿي.

مان ذري گهٽ ٿي پيو بيهوش هوس،
پيار جي پهرين مٺي وسري نٿي.

ڪاڻ درشن جي پئي ڪاٽيم چڪر،
هُن جو پاڙو ۽ گهِٽي وسري نٿي.

شوق دنيا جا ٻيا وسري ويا،
ها! اجا بہ شاعري وسري نہ ٿي.

”مانجهي“ ماضي ڏينهن شل موٽي ملن،
هر گهڙي هُئي ڪِلِ خوشي وسري نٿي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿورو وقت مـــون کي پيارا ڏيو هـــا،
ﮨ ٽي پل خوشيءَ جــا خدارا ڏيو هـــا.

ڪٿي هٿ پري ڪان ڪيڪاريو نہ ها پر،
ڳـــجها ڪي اکين جا اشارا ڏيو هـــا.

متا مرڪ هڪ جي عنايت ڪيو هـــا،
ڇيو ڪنهن ٿي؟ لاهي ستارا ڏيو هـــا!

ويهي پر ﮨ تنهنجي سليان سُور ها مان،
دلاســـا ڪـــي دل ڪـــي دلارا ڏيوهـــا.

ويڳاڻو لڳو تو وتي تُنهنجو "مانـــجهي"
تنهن ڪي ڪي سُـــهڻا ســـهارا ڏيوهـــا.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي نندپڻ جي آهي سڪين جو قسم،
مـــون کان وسري نہ ٿو آ اڪين جو قسم.

تنهنجي آمـــد تي جيڪي چَٽيم تو مٿان،
آ گـــلابي گـــلن جي پـــتين جو قـــسم.

ٿا لاٽيون لَـــونِ ۽ وکِـــر ڪـــيو وتـــــن،
مـــون کـــي آهي پيارن پـــکين جـــو قسم.

تنهنـــجي لـــئہ آنـــديون هيم ســـوکڙيون،
هـــار چوڙين ڪـــنگڻ ۽ ســـڳين جو قسم.

مـــون کي ”مانجهي“ اباڻي شهر جي سِين،
آهـــي چونڪن ۽ سهڻي گهٽين جو قـــسم.

☆

ڪا خوشي ڪو قرار ڪونهي ڪو،
گــڏ جو مـنٺار يار ڪونهي ڪــو.

وقت ٽيو آ جو پيو سڙان سُڪَ ۾،
هُن ڪرايو ديدار ڪـونهي ڪـــو.

هـــاڻ جيون ٻوسو ٻوسو ٿو لـڳي،
هن جي ٻانهن جو هار ڪونهي ڪو.

چاهيان ٿو خوش گذارجي ليڪن،
دل تي ڪو اختيار ڪونهي ڪو.

”مانجهي زرداري“ ڪهڙي حال ۾ آ،
ڪو ٻـ لهندو ڪا سار ڪونهي ڪــو.

☆


www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

زندگــي آ ڏکــن ۽ سُــکن جو سنگمُ،
دل پريشان نہ ٿي، گذري ويندو هي غم.

حــوصـــلو ولولو هر گهڙي رک چـري،
جَستجُو آرزو نــاهي ڪــوئي جُــرم.

جُهـــڙ ۽ لُـــڙ هي هميشہ لئہ ناهــن هوندا،
آهہ پاڻـــي ڏہـــي جو ٿـــي وينـــدو ختم.

مـــرڪبو مهـــڪبو جيئبو مـوج سان،
درد ڳـــڻتيون سيئي ٿـي ويندئون پسم.

”مـــانـــجهي زرداري“ مولا سٺائي ڪندو،
چـــڏ ڪـــٽي وسوسا ۽ خـــتم ڪر وهـــم.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار ۾ تڪرار جو ڪٽڪو رهيو،
هجر جي آزار جو ڪٽڪو رهيو.

نينهن ۾ پوٽي اکيون نڪتا پر،
ساهه کي سنسار جو ڳٽڪو رهيو.

توُن ۽ مان ملندا رهياسين رات جو،
پوءِ به پهريدار جو ڪٽڪو رهيو.

مونءِ گلابن کي ڇهڻ جي ڪئي مگر،
ها! هٿن کي ڪارَ جو ڪٽڪو رهيو.

”مانجهي“ مون کان هُو متان وڇڙي وَڃي،
دل کي هي دلدار جو ڪٽڪو رهيو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُپ جي ڳَل تي آ ڪنهن چُمي پاتِي،
سـهڻي تـارن بـڻي ڪَـتِي آهي.

هـي مُـحبت مـلي نتي مُلهه تي،
ڪـنهن ڀُـڏو آ تہ ڪتي ڪتِي آهي.

بيـن تـي الـزام ڏئي تي ڪارپ جا،
پـاڻ دُنـيا ڪـا ڇڻ سَـتي آهـي.

رات هـڪبئي ڪي تي چيو تارن،
پنهنجو "مانجهي" بہ سنگتي آهي.

☆



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پيار منهنجي جو تو قدر ڪين ڪيو،
ساھ سور ۾ سڙي سهٽا ويو.

توکي مون کي جن ستايو اي پرين!
تو وري تن سان آهي ناتو رکيو.

کهڙو ڏيان توکي ڏوراپو بي وفا،
بس چوان مان چا توکي نہ قياس ٿيو،

زندگي زرداري وئي برباد ٿي،
”مانجهي“ چاهت ۾ اهڙو درد رسيو.

☆

دل لـڳي دل جـي پـتر سـان دل لـڳي،
چـا ڪـيـئان؟ آ بيقـدر سـان دل لـڳي،

مـان هـتي ايندو هُـنئس هـن جي ڪري،
تنهـن ڪـري آ، هـن شهر سان دل لـڳي.

مـون ٿي سمجهيو، ماڪي مصري آ پرين،
پـر خبر پـئي آ، زهـر سان دل لـڳي.

مـنهنجي دانهـن تي نـتو ڪو ڌيان ڏي،
چـا ڪيان آهـي نڪـر سان دل لـڳي.

”مـانـجهي“ زرداري پيو سڙندو رهان،
آهـي جڙ آويءَ جي جـر سان دل لـڳي.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تـو جو نـظر مِـلائي، حـيران ٿـي ويـس،
حـيران ٿـي ويس، صـفا پريشان ٿـي ويس.

ڏڙ ڏڙ وڏي وئي دل جي، هـٿ پير بہ ڏکن پيا،
ائيـن پيو لـڳي تہ جـڙ مان بي جان ٿي ويس.

جـلوي جـمال تـنهنجي اهـڙو تہ مـوهيو،
بـن مُـلهہ بِنا پـگهار جي دربـان ٿـي ويس.

اهـڙو حَسِيـن مـاڻهو منهنـجو آ ٿِـي ويـو،
مـان تہ خوشيءَ منجهارا مسـتان ٿـي ويـس.

مـحفل ۾ مون کي پنهنجي پـر ۾ تو جاءِ ڏني،
”مـانـجهي“ فقير مان مـانجهي خان ٿي ويس.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دل! سهڻن سان پيار نہ ڪر،سهڻن مان سچائي گهٽ ملندئي.
اهي ڏک ڏيندئي، پوءِ ننڊ ڦٽندئي، تن مان ڪا وفائي گهٽ ملندئي.

هن سهڻن جيڪي وڻ ساڙيا،سي اڄ تائين ساوا ڪون ٿيا.
تون تن ڪان پنهنجو پاڻ بچاءِ، پورن مان ڀلائي گهٽ ملندئي.

هي سهڻا سيئي ٿئي مطلب جا، ۽ ڏوڪو آهي پيار سندن،
اهي ڏنب ڏيندئي پوءِ رت سڙندئي، تن مان ڪا چڱائي گهٽ ملندئي.

"مانجهي" زرداري جي مڃ تون صلاح ڪنهن مُشڪي سان وڃي پيچڙو پاءِ.
اٿئي مُشڪي ماڻهو دل جا اڇا، تن مان ڪا، دغائي گهٽ ملندئي.

☆


www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

دل ڏکائي تو کو تہ بہ صبر ٿا ڪيون،
درد جيڪي مليو درگذر ٿا ڪيون.

پاڻ آهيون پوچاري امن پيار جا،
ڪنهن سان جهيڙو ڪان تڏهن هنر ٿا ڪيون.

رات ساري ٿا جاڳو ستارن جيان،
گيت سرجيندي سائين فجر ٿا ڪيون.

جيڪو بہ اسان تي وهيو واپريو،
سڀ پيارا اوهان جي نظر ٿا ڪيون.

ڏات ڏاتر ڏني ۽ هيو ساڃاهہ بہ،
رب جو ”مانجهي“ ادا بس شُڪر ٿا ڪيون.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سهڻيءَ کي دل ڏيئي وينو هان،
درد کي ڇڻ سنگل ڏيئي وينو هان.

منهنجون مجبوريون سڀ هُو سمجهي ٿو،
لکي هن کي غزل ڏيئي وينو هان.

بي رحم بيوفا آ دل جو پڪو،
پيار جو جنهن کي گل ڏيئي وينو هان.

مان اچي عشق جي اري ”مانجهي“
ڪوڙ خطرن ۾ بُل ڏيئي وينو هان.


www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

هـــن جـــو رويو روپ وَٽي ويـــو،

پيـــار جو وچي اظهار ڪـــيوسين.

هـــن ٻـ مـــوٽ ڏنـــي هـــاڪاري،

دل جـــو ســـو دلـــدار ڪـــيوسين.

مـــعاشي حـــقن ۾ ويو هـــو وسري،

عـــشق لـــڳو سينـــگار ڪـــيوسين.

ســـوچ نہ ڪـــا ويـــچار ڪـــيوسين،

دل چـــاهـــيو بـــس پـــيار ڪـــيوسين.

”مـــانجهـــي“ ڪنهن ڪان ڪين ڏناسين،

نينهـــن پنهـــنجـــو نـــروار ڪـــيوسين.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽهڪ ٽڙن ٻہ تہ ڪئين ٽڙن ها،
درد خوشي پٺي پيلي آهي.

هت ماٽهن جا چهرا چمر جا،
باقي دل پٿريلي آهي.

جيون جي رستن تي سائين،
آزارن جي ريلي آهي.

”مانجهي“ هيڏي هجوم آهيان،
پوءِ بہ دل اڪيلي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احساس هُئڻ گهرجي،
ڪو قياس هُئڻ گهُرجي.

پنهنجي ۽ پرائي جي،
شناس هئڻ گهرجي.

اخلاق جي ماٺوءَ وٽ،
ميراث هئڻ گهرجي.

جيون لاءِ خوشين جو،
ڪو واس هئڻ گهرجي.

ها! "مانجهي" من جي اندر،
ڪا آس هئڻ گهرجي.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نفسا نفسيءَ جي آهيون عالم ۾،
زندگيءَ ۾ سواد ڪونهي ڪو.
ڪو بہ ڪنهن سان ملي ڪِلي ئي نٿو،
جيسين ڪنهن جو مفاد ڪونهي ڪو.
شهر اهڙو مون ڪي ٿو ڪو نہ سُجهي،
جاتي فتنو فساد ڪونهي ڪو.
ڪو بہ انصاف هت ڪري ئي نہ ٿو،
دانهن جو ڪٿ بہ داد ڪونهي ڪو.
سچ هر جاءِ تي آهي سرهو ۽
ڪوڙ جو ڪو بنياد ڪونهي ڪو.
يار منهنجو رهي ٿو راڌڻ ۾،
ويو حيدرآباد ڪونهي ڪو.
”مانجهي زرداري“ ڪئين ڳُهَني جذبا،
آهي شاعر جلاد ڪونهي ڪو.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهـي دلـڙي ڪـيو هـي انگـل سانـوري،
اڄ لـڪان ٿـو تـوتـي غـزل سـانـوري.

ويهـ سينـگارجي مـنهنجي سـامهون سَکي،
تنهنجي چـوٽيءَ ۾ هٽندس هي گـل سـانوري.

پائي اکـڙين ۾ مـون ڏي تـون ڏس پيار مـان،
تـنهنجـي لاءِ آ آنـدو ڪـجـل سـانـوري.

شهـر منهنـجي وري پـو اچيـن نہ اچيـن.
پـيار ڏيـٽـو اتـئي ڏي هـن مهل سـانـوري.

چـاهہ تـنهنـجي ۾ ”مـانجهـي“ چـريو ٿو رهـي،
تنهنـجي ديـدن جـوآهـي ڪـنـل سـانـوري.

☆

اينـدي وينـدي پـائـي جهـاتـي،
مسـت كـيـو ٿـئي لائـي چـاتـي.

هـڪ تہ تنهنجي مُـرڪ آ مـوهيـو،
ٻيو تہ ڪُنو تنهنجي اک جي ڪـاتيِ.

تـو جـو چـاهہ چـڪـايـو پـوءِ،
وسـري ويـا هـن گهـرجـا يـاتـي.

پـل پـل تنهنـجي سـار ٿـئي ٿـي،
ديـد رهـي ٿـي تـولاءِ آتـي.

”مـانـجهيءَ“ کان تـو پيار نہ پلـجانءِ،
مـولا ڏيـنـدو وڏڙي حـيـاتـي.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونهن واري کي مون صدا ڪئي هُئي،
پيار جي هُن ڪٿي سَخا ڪئي هُئي.

منهنجي دلڙي صفا پئي ٻهڪي هُئي،
هيءَ خوشي هُن مون کي عطا ڪئي هُئي.

رب ڪري شال هُو خوشيون ماڻي،
مون ٻه هن کي اها دعا ڪئي هُئي.

مون تہ هر حال ۾ نڀايو پئي،
هُن مون سان گهٽي وفا ڪئي هُئي.

”مانجهي زرداري“ آهي محفل ۾،
لست ٿي ويئي جو هُن پڇا ڪئي هُئي.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ بہ تـوکـي سـاريـو آ مُـون،
تـوکي کـو نہ وسـاريـو آ مُـون.

صُبـح سانـجهي ٺـاڪ منـجهند جو،
تنهنـجو رسـتو نهـاريـو آ مُـون.

تـنهنـجي اچـڻ جـي آس کي مـن،
گهـر سـڄي کـي سـنواريو آ مـون.

”مـانـجهي زرداري“ گـيتن ۾،
تـوکـي پـٺي پـڪـاريـو آ مـون.

☆


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

دل چـوي ٿـي ديـس تـي لـکندو رهـان ،

پنهـنجيٰ سـنڌي ويـس تي لـکندو رهـان،

پٽکي چـنري ۽ گهـگهي جي پـرت تـي،

ٽـوپي اجـرڪ ۽ کـيس تي لـکنٿو رهـان.

جـنهن اياريو آ عـام جـي آواز کـي،

هـا سـنڌي پـريس تـي لـکـندو رهـان.

سـنڌ جـو جـيـڪـو بـه آ چـوري ٿـيـو،

تيـل پاٽي گيـس تـي لـکـنـدو رهـان.

جيـڪي جـوڏن جـي مـسٽـان داخـل ٿـيا،

کـوڙي هـر هـک کيس تي لـکندو رهـان.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪبو عشق جاني گلائون ته ٿيندئون،
مٿان دل جي دردن جو ڪاهون ته ٿينديون.

ڪبو دل ۾ پيدا جي جذبو حُسيني،
نيون پيدا ڪرب و بلائون تہ ٿينديون.

زماني جا ذاتي مزا ويا ڇاهي،
پريئڻ سان پرت جو صلاحون ته ٿينديون.

برهه باه دل کي لڳندي جي ”مانجهي“
جڏهن چين سڙندو ته دانهون ته ٿينديون.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سـکين تـي آ، آئي شـبابن جي موسـم.
وڏي مـوهہ واري حـجابن جـي موسـم.

*

ڇُـهي ڳـل اوهـان جا ڳهلي هِيرَ جـانان،
چـڏيا سـاهہ واسي گـلابن جـي موسـم.

پـرين تـون جـو آئين پـانهن ۾ تڏهين،
خـتم ٿي وئـي آ خـوابن جـي موسـم.

يـلي رئيـس پالـين ڪڪـڙ ۽ ڪُـتا پر،
اسـان کي وَڻـي وئي ڪـتابن جـي موسم.

مـزو عشق ۾ تـو اچـي ڏاڍو "مـانـجهـي"
تـوڙي جـو آهـي عـذابـن جـي موسـم.

☆


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪا خوشي ناهي رهي اي بيوفا!
تو ڪئي آ دل ڏئي اي بيوفا!

تنهنجا ڪهڙا قول ۽ اقرار هئا،
ڇو وئين جهٽ ۾ رُسي اي بيوفا!

مُون تہ تنهنجي پيار تي تي هام هنئي،
پر ڇني وئين دوستي اي بيوفا!

تو سوا دل جو شهر ويران آ،
تو لُٽِي دل جي خوشي اي بيوفا!

ستر تنهنجا مان پيو سهندس سدا،
تو سان آهي دل لڳي اي بيوفا!
”مانجهي“ الفت ۾ ڪبو ناهي ائين،
ڏِسُ زماني ڪان ڇجي اي بيوفا!

☆

هڪ سُهڻي نل مين پيار ڪيتا، پر پيارچ ڏاڍي ڪس لڳ ڳئي،
مين دل دا ڏکيا واپار ڪيتا واپارچ ڏاڍي ڪس لڳ ڳئي.

مين دل بہ ڏتي ۽ سک بہ ڏتي، پر سهڻل ميڪون سور ڏي ڳيا،
اقرار ڪيتا مين نڀاوڻ دا اقرارچ ڏاڍي ڪس لڳ ڳئي.

او شهر دا ماڻهو واپاري مين ڀهراڙي دا سادا هان،
مين سونهن ڏتي سهڪار ڪيتا سهڪارچ ڏاڍي ڪس لڳ ڳئي.

مين عرض ڪيتا محبوب ميجيا، او محفل دي وچ آ ٻيٺا،
پر منهن تي اونهن ڪون نقاب آها ديدارچ ڏاڍي ڪس لڳ ڳئي.

"مانجهي زرداري" دل پل چوڙان پر عشق دا ڏوهي تي پوسان،
ٻيٺا ڏينهن سجا ويچار ڪران، ويچارچ ڏاڍي ڪس لڳ ڳئي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄي وال تيسن، پــچي ملسين ڪــيا ٿــون،
جڏهن گهنجڙي پوسن، پڇي ملسين ڪيا تــون.

لــٽ دي ســهاري جــڏهن ٿُرســان قِرســان،
هــٿ پــير ڏڪـسن پڇي ملسين ڪــيا تــون.

ملــٽا جــي هــئي تـ جــواني چ مــل تــون،
موجان مستيان مرسن، پڇي ملسين ڪــيا تــون.

اڪــيان دي آس تيــڪــون ڍو تــي ڏيــڪان،
ديــدان نـــ رهسن، پڇي مليسين ڪــيا تــون.

زرداري ”مــانــجهــي“ مــزي زنــدگــي دي،
جـڏهن يار مــڪسن پڇــي ملسين ڪــيا تــون.

☆


www.sindhsalamat.com      books.sindhsalamat.com

صدقو وڃان تي مان سُهڻا مل يار مُرڪِي مُرڪي،
اکڙيون ملا اکين سان منٺار مُرڪي مُرڪي.

مٺڙيون مٺڙيون ڳالهيون محبوب ڪر تون مونسان،
دلبر منهنجي تہ دل کي اڄ ٺار مُرڪي مُرڪي.

دشمنن جي دِلبر دلڙي ٻلي جلي پئي،
سامهون ويهي تون سُهڻا نِهار مُرڪي مُرڪي.

معشوق علي اصل کان آهي تنهنجو پيارا،
تنهن سان تون دلربا ڪر اقرار مُرڪي مُرڪي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار جي جڏهن پچار ٿئي ٿي،
تنهن پل تنهنجي سار ٿئي ٿي.

اڀ جڏهن ٿو اجرڪ پائي،
ڌرتي جڏهن ڪُنوار ٿئي ٿي.

جڏهن ساون ڪيتن ۾ هجن،
سرنهن سندي ڦلهار ٿئي ٿي.

بادل برسن بوندون بوندون،
ڪنوڻين جي چمڪار ٿئي ٿي.

”مانجهي“ ڏاڍو اداس رهي ٿو،
تانگهه تنهنجي هربار ٿئي ٿي.

☆


www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

وار آلا ڪري چپ پيالا ڪري،
وجهه ڳلي ۾ اڇي ٻانهون مالا ڪري.

منهنجي جيون جهروڪن سندي ٻات ۾،
تو ڇڏيا هن پرين اڄ اجالا ڪري.

سوکڙيون هي تنهن جون ٿو وچايان ڪتي،
ساهه ۾ پيو تو سانديان سنڀالا ڪري.

آس ”مانجهي“ سندي يار ٿورين متان،
مان ڀڳو آهيان ڪيڏا ڪشالا ڪري.

دل کي قرار کونهي کو،
محفل ۾ يار کونهي.

مجبوري ڪائي هوندس،
هونت گذار کونهي.

دل جي تڙپ نہ سمجهي،
ايڏو بہ پار کونهي.

”مانجهي“ مگر پرين کي
ڏيٺي معيار کونهي.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن جو ملي ويو پيار مان، اڄ ڪالهه خوش آهيان،
دل جو ٿيو آ قرار، مان اڄ ڪالهه خوش آهيان.

ديد هئي ڏاڍي پياسي تنهن جي درشن جي،
تنهن جو ٿيو ديدار، مان اڄ ڪالهه خوش آهيان.

راتيون ڏينهن ڏکن ۾ منهن جا گذريا ٿي،
تون جو ملين منٺار، مان اڄ ڪالهه خوش آهيان.

”مانجهي“ من تان مونجهار ئي لهي ويا آهن،
تو جو لڌي سار، مان اڄ ڪالهه خوش آهيان.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٽوپي اجرڪ آهي شان وارو،
هر سنڌي ماڻهو آهي مان وارو.

سنڌ جي روايت امن پيار آهي،
صوفين جو پيغامُ آ ايمان وارو.

ڀٽائي، قلندر، سچل جي دُعا اٿن،
هر جوڌو سنڌ جو آ جولان وارو.

زرداري "مانجهي" هاڻي هڻبو نعرو،
دولهه ۽ دودي دريا خان وارو.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي سارَ سَهِيلي وانگي،
روز اچي ٿي چولي وانگي.

تُنهن جو هي انڪار اچڻ کان،
مون لئہ آهي گولي وانگي.

درد ڏيڻ چاهين ٿي پل ڏي،
منهنجي دل آ جهولي وانگي.

تو بن منهنجو جيون جانان،
آهي جيل جي کولي وانگي.

”مانجهيءَ“ کي تون پياري آهين،
سُهڻي سنڌي ٻولي وانگي.

☆


www.sindhsalamat.com        books.sindhsalamat.com

دل ۾ نيڻ ٻئي صحتمند هِن،

سونهن وارن جون زيارتون ٿا ڪريون.

جو ٻه آيو اسان جي دل جي اڱڻ،

تنهنجون دل ساڻ خدمتون ٿا ڪريون.

روز رب پاڪ کان دعائن ۾،

پيار وارن جون پارتون ٿا ڪريون.

ڪنهن سان جهيڙن اسان سکيو ناهي،

”مانجهي“ ماڻهن سان محبتون ٿا ڪريون.



www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

تون جو سالن پڄاڻان آئين ڳوٺ ڏي،
تنهنجي پيرن کي چارا چميون ٿا ڏين.

ويڙهه وارن کي سوگهو سڳي ۾ سُکي،
لال ڳلڙن تي ڪارا، چميون ٿا ڏين.

تنهنجي آمد تي جيڪي چڻين تو متان،
توکي گلڙا هي پيارا، چميون ٿا ڏين.

بي پردي نه ايندي ويندي ڪر سکي،
توکي منظر هي سارا، چميون ٿا ڏين.

موج مهراڻ ۾ اڄ جو آئي وري،
لهرن کي ڪنارا چميون ٿا ڏين.

تو کي ”مانجهي“ چپن سان چمي نه سگهيم،
نيڻ توکي اجارا چميون ٿا ڏين.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪــو ٻي ڏي لوڙهــو ســوري ٿــو،
ڪــو سين ٻني کي ڪـــوري ٿــو.

ڪــو کير ۾ پيو ٿو پاڻي ملائــي،
ڪـــو ڪوڙي وٽ سان توري ٿــو.

راڄ ۾ ڪــئين اتـــحاد ٿـــئي،
پوتــار جــو چــيٽو پــوري ٿــو.

”مانــجهي“ هي ماحول وطن جــو،
منهنجي جيءَ کـــي جهوري ٿــو.

☆


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پائيم ڳل ئي جنهن کي، سو آ ڪار نڪتو،
منهنجي سوچ ڪاڏو زبردســت دوکـــو،

جيئارڻ سنتو جنهن کيو واعدو هـــو،
مسيحا سو منهنجو، قاتل هـيو ڪـــو.

ڏيئي گهاو مون کي پُڇي پاڻ ئي تـــو،
ٿيو چاهي توکي سُڪندو وڃي پـــيو،

ڪٽي جوڙجي پر جوڙي ڪو نہ سگهندو،
ڪير چور ويو آ، سڄو دل جـــو شيشو.

سزا مون کي ”مانجهي“ ملڻ ئي تہ گهرجي،
بـــنا آزمـــائـــي ڪـــيم پـــروســـو ڇـــو.

☆

پنهنجي ڪاوڙ تون ٿوري ڍري ڪر پرين،
پيار ساڳيو اسان سان وري ڪــر پــرين.

تــون اجــايو اسان تي ٺٺو ٺو وتيـــن،
ڳالهه چاهت جي آهي، ٺري ڪـر پـرين.

ايندي ويندي تو کي آئون ڏسندو رهان،
بند پنهنجي نہ گهر جي دري ڪر پرين.

مر چچ مان اسان کو نہ چاٺون صفا،
ڳالهه جيڪا ڪرين سا، کري ڪر پرين.

مون وچوڙي جو ڏاڍو ڪٽيو جيل آ،
هاڻ دردن مان "مانجهي" کي بري ڪر پرين.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيٽ هجي چانڊاڻ هجي
تنهن ۾ دلبر ساڻ هجي.

نفرت جو نه نانءُ رهي،
چاهت هڪ ٻئي ڪاڻ هجي.

هر ڪو سُک جو ساهه کڻي،
ڏک نه ڪنهن جي ڪاڻ هجي.

يا خدا منهنجي ڌرتي تي،
ساوڪ ۽ سُرهاڻ هجي.

”مانجهي“ مارو شاد رهن،
موجن ۾ مهراڻ هجي.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ائيـــن تنهنـــجي ســـار سُهـــٽي آ،
جـــئين مـــوســـم بـــهار سُهـــٽي آ.
هـــن مـهيني بـــ ڪـجهہ رهـيا تـوڏي،
بـــوســـا پـــاڪـــيون اڏار سُـــهـــٽي آ.
جـيت تنهنـــجي تـــ ٿـــي وئي ليـــڪن،
هـــار منهنـــجي بـــ يـــار سُهـــٽي آ.
ڳـــوٺ منهنـــجي اچين، نہ مونسان ملـــين،
توتـــي منهنـــجي مـــيار سُـــهـــٽي آ.
رات آڪـــاش ڪـــي چيـــو ڪـــڪرن،
تـــوڪـــان ڌرتـــي ڪـــنوار سُـــهـــٽي آ.
فـــڪر دنـــيا جا پـــيا سـيئي ڪـــوجهـــا،
هـــڪ مـــحبت جـــي تـــار ســـهـــٽي آ.
گهُـــور مـــون اجـــا بـــ گهـــور پـــريـــن،
ڏاڍي تنهنـــجي نـــهار سُـــهـــٽي آ.
"مـــانـــجهي" زرداري ٿي پـيـو شـــاعـــر،
عشـــق ارپـــي لـــغـــار سُـــهـــٽي آ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هـا اجـان تـائين جستـجو آهـي،
هـن سان گڏجـڻ جـي آرزو آهـي.

يـا هـن جـي کي تـازو رکـٹو آ،
رات دل سـان ٿـي گفتـگو آهـي.

هـن سان تصور ۾ پيو ٿو ڳالهايان،
جـڻ هـو منهنـجي روبـرو آهـي.

هـو جيڪـو چـوي ڏيان هُـن کي،
هُـن لاءِ حاضـر ڳـچي لـهو آهـي.

تانـگهه "مانجهي" وڌي وئـي ويتـر،
پـري ڪـوئل جـي ڪوڪـو آهـي.

☆

قرب تنهنجي جو قرضي مان،
سهڻا سائين بي باق ڪاٿي هان.

ڪاڻ درشن جي تو گهمان گليون،
هونءَ تہ آءُ رولاڪ ڪاٿي هان.

ڏينهن گذري وڃي نہ توڏي اچان،
او پيارا مان چڪا ڪاٿي هان.

دل جو در تو ڪليل رکان تولاءِ،
مان ورائيندو تاڪ ڪاٿي هان.

مان تہ موگو منجهيل آهيان ”مانجهي“
ايڏو جاني چالاڪ ڪاٿي هان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشـــق آ سُـــڪـــار جيـــون جـــو،
نينهن ناهـــي ڏڪـــار جيـــون جـــو.

هـــن جـو چاهيو تہ پاڻ ناهـــيوسين،
چاهـــ آهـــي سينـــگار جيـــون جـــو.

باغ دل جـــي ۾ گـــل تـــڙي تا پـــون،
پـــيـــار آهـــي بـهـــار جيـــون جـــو.

هن ڪي ڏسندي ئي ٿڪ لهي تا پـــون،
يـــار آهـــي قـــرار جـــيون جـــو.

پيار جڳ ۾ وجي ورهاءِ ”مـــانـــجهي“
آ اهـــو ئـــي معـــيار جيـــون جـــو.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زنـدگـي ڄـڻ بـار ٿـي وئـي آ،
هـوءَ جـڏهن کان ڏار ٿـي وئـي آ.

مـون ڏٺي هئي جڏهن ڦلي ٿي هـو،
اڄ تـہ اسـري انـار ٿـي وئـي آ.

هن جي محفل ۾ مان نہ پهچي سگهيس،
هُـن جـي مـون تي ميار ٿـي وئـي آ.

چـاهہ وارن تـي هـن چٽيون سرجيون،
عشـق سنـڌ ۾ کـا غار ٿـي وئـي آ.

هـن جون ڳالهيون اهڙيون مـٺيون آهن،
ڄـڻ تـہ مـاکيءَ جـي لار ٿي وئـي آ.

سٽ جـيـکا ڏکـي لـئي هـئي مـون،
اڄ سـان دل جـي پـڪار ٿـي وئـي آ.

☆

آئـي آهـي سـاوڪـ مـوسـمر،
دل ٿـي چـاهـي توسـان سنـگمر.

روز تنهنـجـا سـپـنا اکـين ۾،
تـون پـي هـاڻـي اچ او جـانـمر.

تـوبـن هـت تنـهـائي منهنـجو،
هـانءُ ٿـي ڦـاڙي جـائـي همـدمر.

خـوشبو گـل مهـڪائيـن ٿـا پـيا،
مُـڪڙيـن پـاتـو ويـس آ ريـشمر.

پـيار جـا بـادل دِل ڌرتـيءَ تـي،
ڪـن ٿا بونـدون رمر جهِـمر رمر جهِـمر.

”مـانـجهيءَ“ کـي ٿـي ڏاڍو سـتائي،
يـاد اوهـان جـي هـر هـر دمر دمر.

☆



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٺُنهنجي آئي تن من سارو،
جرڪي پيو آ جيون سارو.

توڪان اڳ ويران هيو گهر،
ٻهڪي ٿو اڄ آنگن سارو.

اوندهه جيون منهنجي جاني،
تي ويو آهي روشن سارو.

جنهن ڏڳ سان تو آئين دلبر،
چميو سو ڏڳ اکين سارو.

”مانجهي“ کي تو ڏيئي واڪايون،
شهر سڄو اڄ راڄڻ سارو.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا ارادن جي آهي اٽل ڇوڪري،
۽ رکي حوصلا ٿي جبل ڇوڪري.

هن جي نيٽن ۾ پئي ٿي بغاوت بکي،
ڪئين جذبن کي ڏيندي اجل ڇوڪري.

انگ ميرا متي، وار وکريل اٿس،
ڪا پريمي ڪان آهي چڳل ڇوڪري.

پيءُ جيڏي سان شادي ڪرٽي اٿس،
ڇو ته آهي لڪن ۾ ڪنتل ڇوڪري.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجون پيارا پرين خوبصورت اکيون،
روز آچين پيون مون کي چاهت اکيون.

کنهن جون قاتل اکيون، کنهن جو گهايل اکيون،
تنهنجون آهن متا روح راحت اکيون.

دل کي دل سان ملائي ڇڏيون نينهن سان،
هوريان هوريان وڌائي محبت اکيون.

توکان دل جو شهر جو پتو پڇان،
تنهنجون آهين پرين ٻئي شناخت اکيون.

هر نظارو تو لڳي "مانجهي" بي مزي،
جيسين تنهنجي نٿيون کن زيارت اکيون.

☆

# نظم

ظلـــم ســـنڌين تـــي ڇـــو هـــي آ؟
ڇـــا هـــم ســـنڌي ڏوهـــي آ؟

ڪـــيس ٿـــيـــو ڄـــام شـــوري ۾،
مـــيـــهڙ خـــيـــرپـــور مـــوري ۾،

شـــاهـــد دادو جـــوهـــي آ.
هُـــتڙي ڪـــراچي پـــارڪ تـــي،

هِـــتي ٽـــوڙهـــي ڦـــاٽـــڪ تـــي،
ويـــئـــي مِـــٽي رت سان ڳـــوهي آ.

ســـنڌ مـــٽان هـــي ويـــل ڏســـو،
ڏنـــار مـــاريـــو ڌاڙيـــل لـــڪو،

ســـياڻي ڇـــيـــو بـــي ڏوهـــي آ.
ســـوچـــي ســـنڌي مـــتحـــد ٿـــيو،

وقـــت اجـــا بـــم نـــاهـــي ويـــو،
هـــي ”مـــانـــجهي“ ڪـــيئن سُـــتو هي آ.

☆


www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

منڙا منڙا پيارا ماڻهو،
منهنجي ڌرتي وارا ماڻهو.

مهمان نواز ۽ مشهور،
هاري هجي يا مزدور،
آهن قرب وارا ماڻهو.

ماءُ ڌني اٿن اهڙي لولي،
مستي ۾، مهراڻ جي ڇولي،
ڇڻ ڪا امرت ڌارا ماڻهو.

”مانجهي“ مارو شاد رهن،
شاد رهن آباد رهن،
ٿيندا رهن سويارا ماڻهو.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ٿو موجون ماڻي ويٺو،
ڪو مانِي ڳيي ڪان تاڻي ويٺو.

ڪنهن جي سِڪ ثوابن سان آ،
ڪنهن جو شوق شرابن سان آ،

ڪو تہ ينگ چاڻي ويٺو.
مستي ڪرائڻ پئسي جو ڪم،

چور چڏائي ٿو بس هڪدم،
باقي سُجو آ تاڻي ويٺو.

ماءُ ڪان ڪنهن پٽ ڇنو آ،
سوريءَ تي ڪنهن سِرُ ڏِنو آ،

ڪو پاڻ پيڙهايو هاڻي ويٺو آ.
مارن تي ٿو ظلم ڏِسان مان،

"مانجهي" ڪئين خاموش رهان مان،
راز انهن ڪي ڄاڻي ويٺو.


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

قــوم تــرقي كــئين كــندي،
اسكـــول انـــاج جا پـــاندا آهـــن،

جـــاتي ٻارڙا پــڙهي پــٽ پڙهـــن.
اها قــوم تــرقي كــئين كــندي،

پئسن لاءِ نياڻيون كاريون كـــن،
ســگ چــٽي تـــا نــياڻــيون ڏين.

پــاڻـــي واري تـــي روز وڙهـــن،
پنهنـــجي كـــي تـــا پنهنجا ڪُـــهن،
اها قـــوم تـرقـــي كـــئين كـندي.

☆


www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سهڻا سهڻا پيار ٻالڪ،
اجرڪ ٽوپيءِ وارا ٻالڪ.

سهڻا چنڊ ستارن جهڙا،
منڙا ماڪيءَ لارن جهڙا،
وڏندڙ وڌندڙ سارا ٻالڪ.

جن جو آهي علم سان،
جن جو پيار قلم سان،
سي جڳ ۾ سويارا ٻالڪ.

آهن هي سينگار وطن جا،
”مانجهي“ هي معمار وطن جا،
ڌرتي جا سي تارا ٻالڪ.

☆


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



چوندا آهن تہ انسان تي سڀ کان وڌيڪ اثر ماحول جو ٿيندو آهي، اهو ئي سبب آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن تخليقڪار جي ڪاوش تي نظر وجهبي تہ جنهن ماحول ۾ تخليقڪار رهي ٿو، اُن جا عڪس اُنَ جي تخليق ۾ پَسي سگهبا. پنهنجي مِٽيءَ جي مهڪ سان واسيل مانجهي زرداريءَ جي شاعريءَ ۾ ڳوناڳا عڪس خوبصورتيءَ سان سَمايل آهن. هن تمام ساديءَ پَرَ اثرائتي نموني پنهنجي جذبن جِي اپٽار ڪئي آهي. معاشري ۾ٿيندڙ ظُلم، سِتم ۽ ناجائزيون ڏِسي هِنَ شاعر جو من بہ روئي ٿو. هِن جا شعر هِن جي رَت هاڻن احساسن جا گواهہ آهن. پيار جي پيچرن تي پيرين اگهاڙين پنڌ ڪندڙ مانجهيءَ جا پنهنجي محبوب لاءِ جذبا بہ سنڌوءَ جي پاڻي جيان پوتر آهن.

ادبي کيتر ۾ قدم ڄمائيندڙ هِنُ ڳَڀروءَ کي اڃان پنهنجي حصي جا انيڪ شعري گُل پوکڻا آهن. منهنجي دعا آهي تہ گهڻي کان گهڻو مطالعو هن جي لکڻين ۾ وڌيڪ نواڻ ۽ نُدرت پيدا ڪندو. سنڌ جو هي سيبتو ذات ڏٽي مستقبل ۾ شاعريءَ جي ميدان ۾ هڪ يادگار مرتبو ماڻيندو. (آمين)

جواد جعفري
جعفري پاڙو لاڙڪاڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نَسل (پَڙهَندڙ نَسل) (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پَڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصِي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سِپني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book